# گناهه ڇڏڻ جو انعام

06-February-2025

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

6 فيبروري، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ: 8 شعبان 1446ھ) تي پاڪستان جي
هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# گناھ ڇڏڻ جو انعام

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... 70 هزار ڪمرن وارو جنّتي گهر
- ... گناھ ڇڏڻ سان عزت وڌندي آهي
- ... وڏي ۽ ننڍي گناھ ۾ فرق
- ... سڀني کان افضل ڪير...؟

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

For Feedback: +92315 2692786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

**اربعين عطار، قسط: 2، صفحو: 27، حديث پاڪ نمبر 27 آهي**

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ: ”صَلَاتُكُمۡ عَلَيَّ مُحۡرِزَةٌ لِّدُعَائِكُمۡ وَمَرۡضَاةٌ لِّرَبِّكُمۡ وَزَكَاةٌ لِّاَعۡمَالِكُمۡ“

ترجمو: توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي دعائن جي حفاظت ڪرڻ وارو ۽ توهان جي ربّ جي رضا جو باعث ۽ توهان جي اعمال جي پاڪيزگي جو سبب آهي.[1]

تا قيامت اُس بہارِ باغِ جنّت پر سلام
شانِ عزت، کانِ رحمت، جانِ عِفت پر سلام

دل سے اُس جانِ جاں پر چاہیے پڑھنا درود
پہنچے اُمّت سے شفیعِ جرمِ اُمّت پر سلام

بیدلِ مسکین کا یاربّ! بھیجتا رہ تو مُدام
تا قیامت شافعِ روزِ قیامت پر سلام (2)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-(3)

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي- اچو! بيان ٻڌڻ

1... القول البديع، صفحہ:133۔

2... نورِ ایمان، صفحہ:44ملتقطاً۔

3... بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

ڪان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلْمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين پکيڙڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي فضل ۽ رحمت سان پياري مهيني شعبان شريف جي آمد ٿي چڪي آهي ۽ اسان ان جي بابرڪت گهڙين ۾ ساهه کڻڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون- شعبان شريف تمام وڏي عظمت وارو مهينو آهي، اُن ۾ خير ۽ برڪت جي برسات ٿيندي آهي- آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو :شَعْبَانُ الْمُطَهِّرُوَرَمَضَانُ الْمُكَفِّرُ يعني شعبان پاڪ ڪرڻ وارو آهي ۽ رمضان ڪفارو آهي-[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ شعبان عبادت جو مهينو آهي ۞ گهڻي تلاوت (ڪرڻ) جو مهينو آهي ۞ گهڻو درود شريف پڙهڻ جو مهينو آهي ۞ گهڻي استغفار جو مهينو آهي. ۞ هڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد آهي: هي اهو مهينو آهي جنهن کان ماڻهو بي خبر آهن جڏهن تہ هن مهيني ۾ ماڻهن جا اعمال ربُ العالمين جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن-[2] هن ئي مهيني ۾ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي انهن سڀني ماڻهن جي فهرست ڏني ويندي آهي، جن جا ايندڙ سال روح قبض ڪيا ويندا -[3]

يعني هيءُ تمام برڪت وارو مهينو آهي، ان سان گڏوگڏ نهايت نازڪ مهينو بہ آهي، ڇو تہ هن مهيني ۾ اهم فيصلا ٿيندا آهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ

[1] جامع صغير، صفحہ:301، حديث:4903۔
[2] مسند احمد، جلد:9، صفحہ:50، حديث:22380۔
[3] جامع صغير، صفحہ:369، حديث:5964۔

هن مبارڪ مهيني ۾ خوب عبادت ڪيون تلاوت ڪيون گهڻو درود شريف پڙهون گهڻي توبہ ۽ استغفار ڪيون نفلي روزن جي ڪثرت ڪيون ۽ نہ رڳو هن مهيني ۾ بلڪ سڄي زندگي گناهن کان هميشہ بچندا رهون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو هڪ خطبو

**پيارا اسلامي ڀائرو! 5 شعبان شريف تي امامِ عالي مقام، امام عرش مقام حضرت امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو يوم ولادت آهي.**

| | |
|---|---|
| مرحبا! سَروَرِ عالَم کے پِسَر آئے ہیں | سیدہ فاطمہ کے لختِ جگر آئے ہیں |
| واہ قسمت! کہ چراغِ حرمین آئے ہیں | اے مسلمانو! مبارَک کہ حُسَین آئے ہیں (1) |

اچو! امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ذڪر ڪري برڪت حاصل ڪيون ۽ سندن نصيحت ڀريو خطبو ٻڌون: روايت ۾ آهي تہ ڪربلا جي ڏينهن 10 محرم شريف جي صبح جو امامِ عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خطبو ڏيندي فرمايو: اي الله جا ٻانهؤ! الله پاڪ کان ڊڄو! ۽ دنيا کان بچندا رهو! بيشڪ جيڪڏهن ڪنهن کي هن دنيا ۾ هميشہ رهڻو هجي ها تہ يقيناً انبياءِ ڪرام عليهم السلام سدائين زنده رهن ها پر الله پاڪ هن دنيا کي آزمائش لاءِ پيدا ڪيو آهي. هتي رهڻ وارا سڀئي فنا ٿيڻ لاءِ ئي پيدا ڪيا ويا آهن. دنيا جون نيون شيون پراڻيون ٿيڻ واريون آهن. هتي جون نعمتون ختم ٿيڻ واريون آهن. هتي جون خوشيون ختم ٿيڻ واريون آهن. سو سفر جو سامان تيار ڪيو! بيشڪ بهترين سفر جو سامان تقوٰي ئي آهي. الله پاڪ کان ڊڄو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿي وڃو...!! (2)

---

[1]...معجم الصحابہ للبغوی، جلد:2، صفحہ:14۔
[2]...تاريخ مدينہ دمشق ،جلد:14، صفحہ:218۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن لفظن ۾ ڪيتري نہ خوبصورت نصيحت آهي، جيڪا امامِ حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائي آهي. هن خطبي جي بنياد 2 ڳالهيون آهن: (1) هي دنيا فاني آهي، جيڪو هتي آيو آهي ان کي هن دنيا مان وڃڻو ئي آهي. (2) ڪاميابي ان ۾ آهي تہ ڀانهو گناهن کان بچي، تقوٰي اختيار ڪري. امامِ حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا وڏا ڀاءُ، امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اَنَّ اَكْيَسَ الْكَيِّسِ التُّقٰى وَاَحْمَقَ الْحُمْقِ الْفُجُوْرُ بيشڪ سڀني کان وڏيڪ عقل مند اهو آهي جيڪو تقوٰي اختيار ڪري (يعني گناهن کان بچي) ۽ سڀني کان وڏيڪ احمق ۽ بيوقوف اهو آهي جيڪو گناهن ۾ مبتلا رهندو آهي.[1]

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!

ہو اَخلاق اچھا ہو کردار سُتھرا مجھے مُتّقی تُو بنا یاالٰہی!(2)

## گناهہ الله پاڪ کان جنگ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڳالهہ واقعي سچي آهي، گناهہ ناداني کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. جيڪو گناهہ ۾ مبتلا ٿيندو آهي، اهو نہ رڳو پنهنجو وقت برباد ڪندو آهي، گڏوگڏ پاڻ کي الله پاڪ جي غضب جو حقدار بہ بڻائيندو آهي.

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ
(پاره: 5، سوره نساء: 123)

**ترجمو ڪَنزُالعِرفان:** جيڪو بہ بُرائي ڪندو اُن کي ان جو بدلو ڏنو ويندو.

الله! الله! معلوم ٿيو تہ جيڪو گناهہ ڪندو آهي، اهو ان جو بدلو ماڻيندو آهي. حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: اي ابنِ آدم! تنهنجي

---

[1]... حلية الاولياء، جلد:2، صفحه:46۔

[2]... وسائل بخشش، صفحه:102-104 ملتقطاً۔

هلاڪت ٿئي...! ڇا تون الله پاڪ سان مقابلو ڪرڻ چاهين ٿو؟ ها! ها! جنهن الله پاڪ جي نافرماني ڪئي ڄڻ تہ ان الله پاڪ سان جنگ ڪئي.[1]

## گناھہ 10 برائيون آڻيندو آهي

مسلمانن جا ٻيان خليفا حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: گناھ جيتوڻيڪ هڪ ئي هجي اهو پاڻ سان گڏ 10 برائيون آڻيندو آهي: (1) گناھ ڪندڙ الله پاڪ کي غضب ڏياريندو آهي. (2) گناھ ڪندڙ ابليس (يعني شيطان) کي خوش ڪندو آهي. (3) گناھ ڪرڻ وارو جنت کان پري ۽ (4) دوزخ جي ويجهو ٿي ويندو آهي. (5) گناھ ڪرڻ وارو پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندو آهي. (6) گناھ ڪرڻ وارو پنهنجي باطن کي ناپاڪ ڪندو آهي. (7) گناھ ڪرڻ وارو اعمال لکڻ وارن ملائڪن کي تڪليف ڏيندو آهي. (8) گناھ ڪرڻ وارو نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي غمگين ڪندو آهي. (9) گناھ ڪرڻ وارو زمين ۽ آسمان کي پنهنجي خلاف گواھ بڻائيندو آهي. (10) گناھ ڪرڻ وارو انسانن سان خيانت ۽ الله ربُ العالمين جي نافرماني ڪندو آهي.[2]

بڑی کوششیں کیں گناہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یا الٰہی!
جو ناراض تُو ہو گیا تو کہیں کا
رہوں گا نہ تیری قسم یا الٰہی!
مجھے سچی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حرم یا الٰہی![3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! گناھ واقعي گناھ آهي، گناھ جا رڳو نقصان ئي نقصان آهن، فائدو هڪ بہ ناهي. امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو شان وارو فرمان ٻڌو! فرمايو: اَنَّ اَکْیَسَ الْکَیِّسِ التُّقٰی سڀني کان وڏو عقل مند اهو آهي جيڪو تقويٰ

[1]... عُيون الحکايات، حصہ اوّل، صفحہ:52-
[2]... آنسوؤں کا دریا، صفحہ:49۔
[3]... وسائلِ بخشش، صفحہ:110 بتقدم و تاخر۔

اختيار ڪندو (يعني الله جي خوف سبب گناھ ڇڏي ڏيندو) آھي وَاَحْمَقَ الْحُمْقِ الْفُجُوْرُ ۽ سڀني کان وڏو بيوقوف اھو آھي جيڪو گناھ ڪندو آھي.

الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي، ڪاش اسان گناھن کان بچڻ وارا بڻجي وڃون.

## گناھ ڇڏڻ جو انعام

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ۚ﴿۴۶﴾
(پاره:27، الرحمٰن:46)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ جيڪو پنھنجي ربّ جي حضُور بيھڻ کان ڊڄي ان جي لاءِ ٻہ جنتون آھن.

حضرت مجاھد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ تمام وڏا عالم ۽ تابعي بزرگ ھئا، پاڻ فرمائن ٿا: ھن آيتِ ڪريمہ جو مطلب اھو آھي تہ جيڪڏھن ڪو ٻانھو گناھ جو ارادو ڪري، پوءِ اُن کي الله پاڪ جي حضور پيش ٿيڻ (قيامت جي ڏينھن ھر عمل جو حساب ڏيڻ) ياد اچي ۽ ھو الله جي خوف سبب گناھ جو ارادو ڇڏي ڏي، گناھ کان رُڪجي وڃي تہ اھڙي خوش نصيب ٻانھي لاءِ ٻہ جنتون آھن.[1]

ھڪ جنت خوفِ خُدا جي بدلي ۽ ٻي نفساني خواھشون ڇڏڻ جو صلو آھي.[2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! الله پاڪ کان ڊڄي ڪري، ان جي حضور حاضري ٿيندي، ان ڳالھ کي ياد ڪري جيڪو ٻانھو گناھ کان بچي وڃي، ان جو ڪيڏو زبردست انعام آھي، اھڙي خوش نصيب کي ٻہ جنتون عطا ڪيون وينديون، اھي جنتون بہ ڪيتريون عاليشان ھونديون؟ ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

ذَوَاتَاۤ اَفْنَانٍ ۚ﴿۴۸﴾ (پاره:27، سورة الرحمٰن:48) ترجمو ڪنز العرفان: شاخن واريون آھن.

---

[1] ... تفسير درمنثور، پاره:27، الرحمٰن، زير آيت:46، جلد:7، صفحہ:706۔

[2] ...تفسير خازن، پاره:27، الرحمٰن، زير آيت:46، جلد:4، صفحہ:230۔

يعني انهن جنتن ۾ ميون سان ڀريل باغ آهن، هر ٽاري تي قِسم قِسم جا ميوا لڳل آهن.[1]

فِيهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿۵۰﴾
(پارہ:27، سورۃ الرحمٰن:50)

ترجموڪنزالعرفان: انهن ۾ ٻہ چشما وهي رهيا آهن.

يعني انهن ٻنهي جنتن ۾ صاف ۽ مٺي پاڻيءَ جا 2 چشما وهي رهيا آهن، هڪ چشمي جو نالو: تَسْنِيْم آهي. هڪ جو نالو: سَلْسَبِيْل آهي.[2]

فِيهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿۵۲﴾
(پارہ:27، سورۃ الرحمٰن:52)

ترجموڪنزالعرفان: انهن ٻنهي جنتن ۾ هر ميوي جا ٻہ ٻہ قِسم آهن.

يعني انهن جنتن ۾ 2 قسم جا ميوا آهن، ڪجهہ اهڙا آهن جهڙا ميوا دنيا ۾ بہ ڏٺا ويا ۽ ڪجهہ اهڙا نرالا آهن جيڪي ڪڏهن ڪنهن نہ ڏٺا.[3]

سُبْحٰنَ الله! اهڙيون بي مثال جنتون آهن، ڪنهن جي لاءِ؟ جيڪو الله پاڪ کان ڊڄي ۽ ڊڄي ڪري گناهہ ڇڏي ڏي.

مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم
ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی!
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی!
گناہوں نے میری کمر توڑ ڈالی
مِرا حشر میں ہو گا کیا یاالٰہی! (4)

## ٻہ جنتون ملي ويون

مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مبارڪ دور جو ذڪر آهي. هڪ نوجوان تمام متقي ۽ پرهيزگار هو . حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بہ

[1]… روح البيان، پارہ:27، الرحمٰن، زير آيت:48، جلد:9، صفحہ:304 خلاصۃً۔
[2]… حاشية صاوی، پارہ:27، الرحمٰن، زير آيت:50، جلد:3، جز:6، صفحہ:44۔
[3]… روح البيان، پارہ:27، الرحمٰن، زير آيت:48، جلد:9، صفحہ:304۔
[4]… وسائلِ بخشش، صفحہ:105 ملتقطًا۔

انهن جي عبادت ڏسي حيران ٿيندا هئا. اهو نوجوان جڏهن نمازِ عشاء پڙهي گهر واپس ويندو هو تہ رستي ۾ هڪ خوبصورت عورت اُن کي پنهنجي طرف سڏيندي هئي پر اهو نيڪ نوجوان بلڪل بہ ڌيان نہ ڏيندو هو، نگاهون جهڪائي رستي تان هليو ويندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن اهو نوجوان رستي تان لنگهيو تہ **ان عورت ان کي سڏيو تہ اهو نوجوان بہ ان جي طرف** مائل ٿي ويو. پر جيئن ئي هو ان عورت جي ويجهو پهتو، ڪيس الله پاڪ جو هي فرمان ياد اچي ويو:

إِنَّ الَّذِينَ اتَّقَوْا إِذَا مَسَّهُمْ طَٰئِفٌ مِّنَ الشَّيْطَٰنِ تَذَكَّرُوا فَإِذَا هُم مُّبْصِرُونَ ﴿٢٠١﴾

(پارہ:9، سورۂ الاعراف:201)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ پرهيزگارن کي جڏهن شيطان جي طرف کان ڪو خيال ايندو آهي تہ اُهي(خُدا جو حُڪم) ياد ڪندا آهن پوءِ انهيءَ وقت انهن جون اکيون کلي وينديون آهن.

هن آيتِ ڪريمہ جي ياد ايندي ئي ان جي دل تي الله پاڪ جو خوف غالب اچي ويو ۽ هو بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو.

جڏهن هي ڪافي دير تائين گهر نہ پهتو تہ اُن جو پوڙهو پيءُ ڳولڻ لاءِ نڪتو ۽ انهيءَ جاءِ تي پهتو جتي هو بيهوش پيو هو پيءُ اُن کي ڪلهن تي گهر کڻي آيو. جڏهن نوجوان کي هوش آيو تہ اُن پنهنجي والد کي سڄو واقعو ٻڌايو، واقعو ٻڌائيندي ٻڌائيندي جڏهن اُن ٻيهر اها آيتِ مبارڪ پڙهي تہ ٻيهر خوفِ خدا غالب اچي ويو، ان هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ سندس روح بدن مان نڪري ويو. رات جو ئي غسل ۽ ڪفن جو انتظام ڪري ڪيس دفن ڪيو ويو. جڏهن صبح ٿي تہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي هي سمورو واقعو معلوم ٿيو تہ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نوجوان جي قبر تي پهتا ۽ هي آيتِ مبارڪ تلاوت فرمائي:

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهِ جَنَّتَانِ ﴿٤٦﴾

(پارہ:27، سورۂ الرحمٰن:46)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو پنهنجي ربّ جي حضُور بيهڻ کان ڊڄي ان جي لاءِ بہ جنتون آهن.

قبر مان اُن نوجوان جواب ڏيندي چيو: اي اميرالمؤمنين! بيشڪ منهنجي ربّ مون کي 2 جنتون عطا فرمايون آهن.[1]

[1] ... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:45، صفحہ:450۔

# الله پاڪ جي حضور حاضِري جو تصوُّر

سُبْحٰنَ الله! ڪيترو نہ پيارو انعام آهي. اسان کي بہ هي وصف اپنائڻ گهرجي. هونئن اسان بزرگن جي خوفِ خدا جي ڪيفيتن کي ڏسون تہ انهن جو تہ اعلىٰ ئي شان آهي !!... ۞ اهي الله جي خوف سبب هر وقت ڏڪندا رهندا هئا. ۞ انهن کي ڏسڻ وارن کي لڳندو هو تہ هي ڄڻ هاڻي ميدانِ محشر مان واپس اچي رهيا آهن. ۞ هر وقت ڊنل ۽ سهميل رهندا هئا. ۞ الله جي خوف سبب روئندا هئا. ۞ انهن جي ڳوڙهن سان ڏاڙهي آلي ٿي ويندي هئي. ۞ ڳلن تي ڳوڙهن سان لڪيرون پئجي وينديون هيون. ۞ بيهوش ٿي ويندا هئا. هي تمام اعلىٰ درجي جون ڪيفيتون آهن، الله پاڪ اسان کي انهن نيڪ ٻانهن جو صدقو نصيب فرمائي. گهٽ ۾ گهٽ هر مسلمان جي اندر ايترو خوفِ خدا ضرور هجڻ گهرجي جو جڏهن اسان جي دل ۾ گناهہ جو خيال اچي، شيطان اسان کي گناهہ جي دعوت ڏي تہ فوراً الله پاڪ جي سامهون پيش ٿيڻ ياد اچي وڃي!!...اهو تصور اچي وڃي تہ اهو قيامت جو دهشت ناڪ ڏينهن!!...۞ جڏهن سج ٻاهہ وَسائي رهيو هوندو.۞ زمين ٽامي جي هوندي.۞ ٽهڪي رهي هوندي.۞ ماڻهو پنهنجي ئي پگهر ۾ ٻڏي رهيا هوندا.۞ اڳيان پويان سڀئي حاضر هوندا.۞ قهر کي منهن ڏيڻو پوندو، ربِ ڪريم ان ڏينهن اهڙو غضب فرمائيندو جو ان کان پهريان ڪڏهن بہ اهڙو غضبُ نہ فرمايو. اهڙي دهشت ناڪ مرحلي تي مون کي منهنجي نالي سان سڏيو ويندو: اي فلاڻا بن فلاڻا! رب جي سامهون حاضر ٿيءُ!...

ان وقت اسان ڊڄنداسين، شرم کان منهن لڪائينداسين، پر افسوس! ان ڏينهن لڪڻ جي جاءِ ڪٿي هوندي!!... ملائڪ پڪڙي ربّ پاڪ جي سامهون پيش ڪري ڇڏيندا. پوءِ اسان کان اسان جي عملن جو حساب ورتو ويندو. پڇيو ويندو: اي فلاڻا! ۞ ڇا توکي زندگي نہ ڏني وئي هئي؟ ۞ ڇا توکي نعمتون نہ عطا ڪيون ويون هيون؟ ۞ ڇا تو وٽ حق جو پيغام نہ پهتو هو؟ پوءِ تو گناهہ ڇو ڪيو؟ ان وقت اسان وٽ ڪهڙو جواب هوندو...؟ افسوس! اسان شرم کان پاڻي پاڻي ٿي رهيا هونداسين. ڪو بهانو ڪم نہ ايندو!!... افسوس! جيڪڏهن ان وقت ربّ ڪريم

غضب فرمايو، منهنجي گناهن تي منهنجي پڪڙ فرمائي ۽ مون کي دوزخ ۾ اُڇلائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو تہ پوءِ منهنجو ڇا بڻجندو...؟؟

| | |
|---|---|
| گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی | ہائے! میں نارِ جہنم میں جلوں گا یاربّ! |
| دردِ سر ہو یا بخار آئے تڑپ جاتا ہوں | میں جہنم کی سزا کیسے سَہوں گا یاربّ! |
| ڈنک مچھر کا سَہا جاتا نہیں، کیسے میں پھر | قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سہوں گا یاربّ! |
| گھپ اندھیرے کا بھی وَحشت کا بسیرا ہوگا | قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یاربّ![1] |

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ربّ ڪريم جي حضور حاضري جو هڪ تصَوُّر آهي. ڪاش! جڏهن بہ اسان جي دل گناهہ جي طرف مائل ٿئي تہ اسان کي هي حاضري ياد اچي وڃي، ربّ رحمٰن جي حضور بيهڻ ياد اچي وڃي ۽ اسان ڊڄي ڪري، ربّ رحمٰن کان شرمائي ڪري گناهہ ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. گهٽ ۾ گهٽ ايترو بہ خوفِ خدا نصيب ٿي وڃي تہ اسان جي زندگي سنورجي سگهي ٿي. هي ئي اهو خوف آهي جنهن تي ٻہ جنتن جو وعدو فرمايو ويو آهي.

## ستر هزار ڪمرن وارو جنّتي گهر

حضرت ڪعب الاَحبَار رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: جنّت ۾ زُمُرد ۽ موتي سان ٺهيل عظيم الشان محل آهي، اُن ۾ 70 هزار گهر آهن، هر گهر ۾ 70 هزار ڪمرا آهن، هن عظيم الشان محل ۾ انبياءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام هوندا، صديقَ هوندا، شهيد هوندا، انصاف ڪرڻ وارا بادشاهہ هوندا ۽ اهو شخص هوندو جيڪو مُحَڪَّم هجي. عرض ڪيو ويو: مُحَڪَّم ڪير آهي؟ فرمايائون: اهو شخص جنهن کي حرام ڪم جي دعوت ڏني وڃي پر اهو خوفِ خُدا جي ڪري حرام ڪم کان رُڪجي وڃي.[2]

| | |
|---|---|
| ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی![3] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:84-85 بتقدم وتاخر۔

[2]... شعب الایمان، السابع والاربعون ، باب فی معالجۃ کل ذنب بالتوبۃ، جلد:5، صفحہ:412، حدیث:7107

[3]... وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

## گناهہ کان بچيا تہ عزت ملي وئي.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو الله پاڪ کان ڊڄندو ۽ گناهن کان بچي ويندو آهي، اُن کي وڏيڪ ڪهڙا ڪهڙا انعامَ ملندا آهن، ٻڌو! شيخ طريقت امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي بَاحياء نوجوان صفحو: 3 کان 7 تي هڪ ايمان اَفروز واقعو بيان ڪندي لکن ٿا: بَصره ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "مِسڪي" جي نالي سان مشهور هئا- مُشڪ کي عربي ۾ "مِسڪ" چوندا آهن، اُن لاءِ مِسڪي جي معنيٰ ٿي "مُشڪبار" يعني مُشڪ جي خوشبو وارو- اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هر وقت مشڪبار ۽ خوشبودار رهندا هئا، ايستائين جو جنهن رستي تان لنگهندا هئا، اهو رستو بہ مهڪي پوندو هو! جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيندا هئا تہ ان جي خوشبو مان ماڻهو سمجهي ويندا هئا تہ حضرت مِسڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف فرما ٿيا آهن- هڪ ڀيري ڪنهن عرض ڪيو: حُضُور! اوهان کي خوشبو جي لاءِ ڪافي رقم خرچ ڪرڻي پوندي هوندي؟ پاڻ فرمايائون: مون ڪڏهن بہ خوشبو خريد ناهي ڪئي ۽ نہ وري ڪڏهن خوشبو لڳائي آهي- منهنجو واقعو ڏاڍو عجيب ۽ غريب آهي:

منهنجي پيدائش بغداد شريف جي هڪ خوشحال گهراڻي ۾ ٿي، جهڙي طرح امير پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياريندا آهن، مون کي بہ اهڙي طرح تعليم ڏياري وئي- مان ڏاڍو خوبصورت ۽ با حياء هئس، منهنجي بابا سائين کي ڪنهن مشورو ڏنو تہ "هن کي بازار ۾ ڪم تي لڳايو تہ جيئن هي ماڻهن ۾ رلي مِلي وڃي ۽ هن جي حيا بہ ڪجهہ گهٽ ٿئي-" سو مون کي بزّاز (ڪپڙا وڪڻڻ واري) جي دُڪان تي ويهاريو ويو- هڪ ڏينهن هڪ ٻڍڙي(پوڙهي) ڪجهہ قيمتي ڪپڙا ڪڍرايا ۽ ڪپڙي واري کي چيائين: "ڪنهن کي مون سان گڏ موڪل تہ جيئن جيڪي ڪپڙا پسند اچن، انهن جي قيمت ۽ باقي بيا ڪپڙا واپس ڪٽي اچي" ڪپڙي واري مون کي ان سان گڏ موڪليو- ٻڍڙي مونکي هڪ عظيم الشّان محل ۾ وٺي وئي ۽ هڪ سينگاريل ڪمري ۾ موڪلي ڇڏيائين- اک ڪٽي جو ڏسان تہ قيمتي زيورات ۽ خوبصورت پوشاڪ پهريل هڪ جوان ڇوڪري تخت تي ويٺي آهي، مون کي

ڏسندي ئي اُن چوڪريءَ تي شيطان غالب اچي ويو ۽ ھو ھڪ دم مون ڏانھن وڌي ۽ ڇيڙڇاڙ ڪندي ”ڪارو منھن“ ڪرائڻ لاءِ زور پرڻ لڳي- مون گھٻرائيندي چيو ”الله پاڪ کان ڊڄ!“ پر ان جي مٿان تہ شيطان سوار ٿي چڪو ھو- جڏھن مون ان جو ضدّ ڏٺو تہ گناھہ کان بچڻ لاءِ ھڪ اٽڪل سوچي ۽ ان کي چيم تہ مون کي استنجاء خاني وڃڻو آھي- ان سڌ ڪيو تہ ڇئني پاسن کان ٻانھيون اچي ويون، ان چيو تہ ”پنھنجي آقا کي بيتُ الخلاء ۾ وٺي وڃو-“ مان جڏھن اتي ويس تہ ڀڄڻ جي ڪا واٽ نظر نہ آئي، مون کي ان عورت سان ”منھن ڪارو ڪرڻ“ کان پنھنجي ربّ پاڪ کان حياء پئي آيو ۽ مون کي دوزخ جي عذاب جو ڊپ ٿي رھيو ھو- سو مون کي ھڪ ئي واٽ نظر آئي، اھا ھي تہ مون ڪاڪوس واري نجاست پنھنجي ھٿ منھن تي مَلي، وڏيون اکيون ڦاڙي، ان ٻانھي کي ڊيڄارڻ لڳس جيڪا ٻاھر ٿوال ۽ پاڻي کڻي بيٺي ھئي- جڏھن آئون چرين وانگر رڙيون ڪندو، ان ڏانھن وڌيس تہ ھو ڊپ وچان ڀڄي ۽ اھا چريو چريو ڪندي دانھون ڪرڻ لڳي تہ سڀ ٻانھيون گڏ ٿي ويون ۽ انھن مون کي ڪپڙي ۾ ويڙھي، ھڪ باغ ۾ اچلائي ڇڏيو- مون کي جڏھن پَڪ ٿي تہ سڀ ھليون ويون آھن تہ پنھنجا ڪپڙا ۽ بدن ڌوئي پاڪ ڪري پنھنجي گھر ھليو ويس پر ڪنھن سان اھا ڳالھہ نہ ڪئي- انھيءَ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ ڪو چئي رھيو آھي: ”تنھنجي حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام سان ڪيڏي نہ سھڻي مُناسبت آھي“ ۽ چوي پيو تہ ڇا تون مونکي سڃاڻين ٿو؟ مون چيو: نہ- پوءِ اُن چيو: ”مان جِبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام آھيان- ان کان پوءِ انھن منھنجي منھن ۽ جسم تي پنھنجا ھٿ گھمايا- انھيءَ ڏينھن کان وٺي منھنجي جسم مان مُشڪ جي خوشبو اچڻ لڳي- اھا حضرت جِبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ھٿ مُبارڪ جي خوشبو آھي-[1]

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی! | بُری عادتیں بھی چُھڑا یاالٰہی!
خطاؤں کو میری مٹا یاالٰہی! | مجھے نیک خَصلت بنا یاالٰہی! (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... روض الرياحين، صفحہ:334-

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:100-

## حياء ايمان جو حصو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! **باحياء نوجوان،** **الله** پاڪ جي خوف ۽ گناهن کان نفرت جي برڪت سان پاڻ کي نافرماني کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو- هن مان معلوم ٿيو ته گناهن کان بچڻ لاءِ حيا ڏاڍو مؤثر آهي- الله پاڪ حياء جي دولت عطا فرمائي ته انسان گناهه تي قادر هجڻ جي باوجود برائين کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. ڪاش! اسان کي به هي دولت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! الله پاڪ جو خوف، ان جي بارگاهه ۾ حاضري جو خوف ۽ حياء نصيب ٿي وڃي. حديث شريف ۾ آهي: حياء ايمان مان آهي.[1] هڪ ٻي حديث شريف ۾ فرمايو: بيشڪ حياء ۽ ايمان ٻئي پاڻ ۾ مليل آهن جڏهن هڪ کڄي وڃي ته ٻيو به کڻيو ويندو آهي.[2]

## ويلنٽائن ڊي يعني بي حيائي جو ڏينهن

الله پاڪ اسان کي حياء جي دولت نصيب فرمائي. اڄڪلهه حالات تمام برا ٿي ويا آهن، حياء ته ڄڻ آهستي آهستي ختم ٿي ٿيندو پيو وڃي، مثال طور 14 فيبروري تي ويلنٽائن ڊي جي نالي تي اهڙيون بي حيائيون ٿينديون آهن جو اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظ...!! ڇوڪرا ڇوڪريون پاڻ ۾ ملندا آهن ❁محبتن جو اظهار ٿيندو آهي ❁ تحفن جو ڏيڻ وٺڻ ٿيندو آهي ۽ مَعاذَ الله! خوب فحاشي جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي. شراب پيتا ويندا آهن ۽ نه ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا گناهه ڪيا ويندا آهن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، پيارا اسلامي ڀائرو! يقين مڃو! بي پردگي، ڇوڪرن ڇوڪرين جو ايئن بي حيائي ڪرڻ سخت ڪبيره گناهه آهي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِیْنَ یَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ وَ یَحْفَظُوْا فُرُوْجَهُمْؕ (پاره:18، سورۂ نور:30)

ترجموڪنزالعرفان: مسلمان مَردن کي حڪم ڏي ته پنهنجون نظرون ڪجهه جهڪيون رکن ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن.

---

[1]... بخاری، کتاب الایمان، باب الحیاء من الایمان، صفحہ:76، حدیث: 24-
[2]... مستدرک، کتاب الایمان، جلد:1، صفحہ:176، حدیث:66۔

**مشڪوٰة شريف** ۾ آهي، باحياء نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَعَنَ اللّٰهُ النَّاظِرَ وَالْمَنْظُوْرَ إِلَيْهِ يعني ڏسڻ واري ۽ جنهن جي طرف ڏٺو ويو انهن ٻنهي تي الله پاڪ لعنت فرمائيندو آهي.[1]

يعني جيڪو ڄاڻي واڻي غير مَحرَم کي ڏسي ۽ جيڪو غير مَحرم ڄاڻي واڻي پنهنجو پاڻ کي ڏيکاري، انهن ٻنهي تي الله پاڪ جي لعنت آهي.[2]

ابوداؤد شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي: وَالْيَدَانِ تَزْنِيَانِ فَزِنَاهُمَا الْبَطْشُ، وَالرِّجْلَانِ تَزْنِيَانِ فَزِنَاهُمَا الْمَشْيُ ۽ هٿ زنا ڪندا آهن ۽ انهن جو زنا (حرام کي) پڪڙڻ آهي ۽ پيرَ زنا ڪندا آهن ۽ انهن جو زنا (حرام جي طرف) هلڻ آهي.[3]

## ويلنٽائن ڊي جو حصّو نہ بڻجو

اسان وٽ ڪجھ ماڻهو جيڪي مذهبي ذهن رکندا آهن، انهن جو اهو ذهن بڻجندو آهي تہ اسان ويلنٽائن ڊي کي بي حيائي جي طور تي نہ بلڪ چڱي انداز سان ملهائيندا آهيون، اهو ايئن تہ اسان اُن ڏينهن تي پنهنجي ٻارن جي ماءُ کي گُل ڏيون، پنهنجي امڙ سائڻ کي گُل ڏئي انهن جي دل خوش ڪيون. هي بہ نہ ڪرڻ گهرجي. حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ كَثَّرَ سَوَادَ قَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ جنهن ڪنهن قوم جي تعداد وڌائي، اهو انهيءَ مان آهي.[4]

لهٰذا هن ڏينهن گُل خريد ڪرڻ ۽ هن طرح جي ڪمن کان پري رهڻ گهرجي، هونئن بہ خاص طور تي 14 فيبروري تي گُل وغيره خريد ڪرڻ بدگماني جو سبب بڻجي سگهي ٿو، بُزرگ فرمائن ٿا: اِتَّقُوْا مَوَاضِعَ التُّهَمِ يعني تهمت جي جڳهن کان بچو..!![5] لهٰذا ويلنٽائن ڊي ۾ ڪنهن طرح بہ پنهنجو حصّو نہ شامل ڪيو! الله پاڪ اسان

[1] ... مشكاة، كتاب النكاح، جز:2، جلد:1، صفحہ:574، حديث:3125۔
[2] ... مرقاة المفاتيح، كتاب النكاح، جلد:6، صفحہ:264، زيرِ حديث:3125۔
[3] ... ابو داود، كتاب النكاح، باب فيما يؤمر...الخ، صفحہ:342، حديث:2153
[4] ... مسند فردوس، جلد:3، صفحہ:519، حديث:5621۔
[5] ... كشف الخفاء ،جلد:1، صفحہ:37۔

کي ويلنٽائن ڊي ۽ اُن جي متعلق بي حيائين ۽ بيهودگين کان محفوظ رکي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

ہر گھڑی شرم و حیا سے بس رہے نیچی نظر | پیکرِ شرم و حیا بن کر رہوں آقا مُدام

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گناهہ ڇڏڻ ڪان عزت وڌندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت مسڪي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو ايمان افروز واقعو ٻڌو، هن واقعي ۾ هڪ ايمان اَفروز ڳالهه هي بہ آهي تہ حضرت مسڪي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ گناہ کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي عزت کي داءُ تي لڳايو، پنهنجو پاڻ کي بدبودار ڪري ڇڏيو، تہ الله پاڪ سندن کي اهو انعام ڏنو جو سندن کي خوشبودار ڪري ڇڏيو، ايستائين جو جنهن گهٽي مان گذرندا هئا، اها گهٽي بہ سندن خوشبوئن سان مهڪڻ لڳندي هئي. هن مان خبر پئي تہ جيڪو گناهن کان بچندو آهي، الله پاڪ ان جي عزت وڌائي ڇڏيندو آهي.

## گناهہ ڇڏڻ جو بهترين بدلو

حضرت ابو قتاده ۽ ابو دَهْماء رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِما ٻئي تابعي بُزرگ آهن، انهن ٻنهي بُزرگن جي عادت هئي تہ مڪي شريف جو سفر نهايت رغبت سان ڪندا هئا، ڪيئي ڀيرا مڪي پاڪ حاضر ٿيا، فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو جڏهن حاضري جي سعادت ملي تہ هڪ صحابي جي زيارت جو شرف مليو، اهي ڳوٺ جا رهائشي هئا، انهن حديث پاڪ بيان ڪندي فرمايو: هڪ ڀيرو آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ دين جون ڳالهيون سيکارڻ شروع ڪيون، ان دوران فرمايائون: اِنَّكَ لَنۡ تَدَعَ شَيۡئًا اتِّقَاءَ اللّٰهِ اِلَّا اَعۡطَاكَ اللّٰهُ خَيۡرًا مِّنۡهُ يعني توهان جيڪڏهن الله پاڪ جي خوف سان ڪجهه ڇڏي ڏيندا تہ الله پاڪ توهان کي هن کان بهتر عطا فرمائيندو.[1]

[1]... مسند احمد، جلد:8، صفحہ:350، حديث:21282۔

سُبْحٰنَ الله! خبر پئي: جيڪو الله پاڪ جي خوف ڪان گناھ ۽ برائي ڇڏي ڏيندو آهي الله پاڪ ان جي هن عمل کي ضايع ناهي فرمائيندو، بلڪ ان کي گهڻو بهتر بدلو عطا فرمائيندو آهي ، مثلاً: ۞ ورياج ڏيڻ ونڻ جو موقعو ميسر هو، مال بہ وڌندي نظر اچي رهيو هو، پوءِ بہ بانهو ڇڏي ڏي تہ ورياج گناھ آهي، تنهنڪري مان ان ۾ نہ پوندس ۞ ظاهري طور نظر اچي رهيو آهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ سان دڪان سٺي هلندي آهي، بانهو پوءِ بہ ڪوڙ نہ ڳالهائي جو ڪوڙ ڳالهائڻ گناھ جو ڪم آهي ۞ ڪوڙيون قسمون کڻڻ سان وڪرو ٿيندي نظر اچي رهيو آهي بانهو پوءِ بہ ڪوڙي قسم نٿو کڻي ۞ دل ۾ گناھ پري خواهش اڀري رهي آهي، پر بانهو ان خواهش کي دٻائي ڇڏيندو آهي، گناھ ۾ ناهي پوندو، تہ الله پاڪ ان ترڪ(ڇڏڻ) جو، گناھ ڪان بچڻ ۽ ان خواهش ڪان رڪڻ جو بهترين بدلو دنيا ۾ بہ عطا فرمائيندو آهي-

## عجيب لوهار

علّامہ ابنِ جوزي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه هڪ واقعو لکيو، تمام خوبصورت واقعو آهي. هڪ بزرگ فرمائن ٿا: مون هڪ لوهار ڏٺو، جيڪو تمام عجيب هو. هو لوھ کي ڀَٺيءَ ۾ وجهي گرم ڪندو، پوءِ ٻاھر ۾ هٿ وجهي لوھ کي ٻاھر ڪڍندو هو. يعني لوھ ٻاھر مان ڪڍڻ لاءِ ڪو چمٽو يا ڪو اوزار استعمال نہ ڪندو هو، سڌو هٿ ٺي ٻاھر ۾ وجهي ڇڏيندو هو. پوءِ ان گرما گرم لوھ کي هٿ سان ئي ابتو سبتو ڪندو رهندو هو. ٻاھر جو ڪم تہ ساڙڻ آهي، جيڪو بہ هجي ان کي ساڙيندي آهي پر حيرت جي ڳالھ هئي، ان عجيب لوهار کي ٻاھر ڪجهہ بہ نہ چوندي هئي.

اُهو بزرگ فرمائي ٿو: مون ان کان ان جو سبب پڇيو تہ ان عجيب لوهار پنهنجي حياتيءَ جو هڪ واقعو بيان ڪيو. چوڻ لڳو: مان تمام وڏو گنهگار هيس، هڪ دفعي هڪ حسين عورت مون وٽ آئي، ويچاري مجبور هئي، هن مون کان مدد لاءِ سوال ڪيو، پر مان تہ گنهگار هيس...!! منهنجون نظرون ڀٽڪي پيون، دل ۾ بدڪاريءَ جي خواهش جاڳي پئي. مون ان ويچاريءَ جي مجبوريءَ جو فائدو وٺندي چيو تہ: تون منهنجي گهر هل! مان توکي ايترو ڏيندس جو سڀ پريشانيون

دور ٿي ويندي. ھوءَ شريف عورت ھئي، ان منھنجي آڇ کي ٺُڪرائي ڇڏيو ۽ واپس ھلي وئي. ٿوري دير کانپوءِ روئندي وري واپس آھي، چيائين: مان وقت جي ھٿان مجبور آھيان، ڪجھ مدد ڪيو!

ھن پيري ان منھنجي آڇ قبول ڪري ورتي. مان ھن کي پاڻ سان گڏ وٺي گھر پھتس. جڏھن مان ھن جي ويجھو ٿيس تہ ھوءَ ڏڪڻ لڳي. ھوءَ ائين تڙپي رھي ھئي جيئن طوفان ۾ ڦاٿل ٻيڙي لوڏا ڪائيندي آھي. مون ڪانئس ھن حالت جو سبب پڇيو تہ چوڻ لڳي: مان اللّٰہ پاڪ جي خوف کان تڙپي رھي آھيان! افسوس! ھن وقت اسان گناھ ڏانھن وڌي رھيا آھيون ۽ اللّٰہ پاڪ اسان کي ڏسي رھيو آھي. اللّٰہ پاڪ توکي دنيا ۽ آخرت ۾ باھ کان محفوظ رکي، خدا جي واسطي مون کي ڇڏي ڏيو!

اُھو لوھار چئي ٿو: مون ان کي ڇڏي ڏنو، ھوءَ جلديءَ مان گھر ھلي وئي. ان کان پوءِ مون ھڪ خواب ڏٺو: ھڪ عورت آھي، مون پڇيو: تون ڪير آھين؟

ان چيو: مان ان ڇوڪريءَ جي ماءُ آھيان، اسان سيد گھراڻي جا آھيون. تو منھنجي نياڻيءَ سان ڀلائي ڪئي، اللّٰہ پاڪ توکي ان جو اجر ڏي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ توکي باھ کان محفوظ رکي! بس اھو ڏينھن ھو ۽ اڄوڪو ڏينھن آھي، ھن دنيا جي باھ مون کي نقصان ناھي پھچائيندي.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! **ھيءُ آھي گناھ ڇڏڻ جو انعام!!**... واقعي جيڪو گناھ ڇڏي ڏيندو آھي، اللّٰہ پاڪ جي خوف سبب ان (اللّٰہ) جي نافرمانيءَ کان باز اچي ويندو آھي، اللّٰہ پاڪ ان کي بھترين بدلو عطا فرمائيندو آھي.

## ڪِفْل جي بخشش ٿي وئي

بني اسرائيل ۾ ڪفل نالي ھڪ شخص ھو جيڪو ڪنھن بہ گناھن کان نہ بچندو ھو، ان وٽ ھڪ (مجبور) عورت آئي تہ ھن ان کي سٺ (60) دِينار ھن شرط تي ڏنا تہ ھو ان سان بدڪاري ڪندو، پوءِ جڏھن ڪِفل نالي اھو شخص ان عورت سان بدڪاري ڪرڻ جي لاءِ وينو تہ اھا عورت ڏڪڻ لڳي ۽ روئڻ لڳي، ڪِفل ان کان پڇا ڪئي: "توکي ڪھڙي شيء رُئاريو آھي؟ ڇا مون تو کي مجبور ڪيو؟"

[1]... الزہر الفاتح لابن جوزی، صفحہ:14۔

تہ عورت جواب ڏنو: ”اهڙي ڳالهہ ناهي، پر مون اهڙو ڪم ڪڏهن ناهي ڪيو، بلڪ مون کي صرف حاجت ان تي مجبور ڪيو آهي-“ تہ ڪِفل چيو: ”توکي اهو ڪم ڪرڻو پئجي رهيو آهي جڏهن تہ تو پهريان ڪڏهن اهو ڪم ناهي ڪيو، وڃ ۽ اهي دِينار بہ تنهنجا آهن-“ ۽ ان قسم کڻي چيو: ”الله پاڪ جو قسم! مان هاڻي ڪڏهن نافرماني نہ ڪندس-“ پوءِ ائين ٿيو جو ان رات ئي ڪفل مري ويو- صبح ان جي گهر جي دروازي تي لکيل هو: اِنَّ اللهَ قَدْ غَفَرَ لِلْكِفْلِ بيشڪ الله پاڪ ڪِفل کي بخشي ڇڏيو آهي-[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! گناهہ ڇڏڻ جا ڪهڙا انعام آهن، ڀانهو گنهگار هو، خراب ڪردار وارو هو، جڏهن هن الله پاڪ جي رضا لاءِ گناهہ ڇڏيو، هڪ مجبور جي مدد ڪئي، تہ الله پاڪ کي سندس هيءَ ادا وڻي وئي ۽ هن جي بخشش فرمائي ڇڏي. ڪاش! اسان کي بہ توفيق ملي، اسان کي بہ الله پاڪ جي حضور حاضريءَ جو خوف نصيب ٿي وڃي ۽ اسان صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا لاءِ، سندس خوف سبب، گناهن کان بچڻ وارا بڻجي وڃون.

## منافق جي هڪ علامت

اسان جو هڪ وڏو مسئلو آهي، گناهہ ڪري ڪري دلين تي مِير چڙهي وئي آهي، هاڻ اسان کي گناهن جي سختيءَ جو احساس ئي نٿو ٿئي، اهو سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي تہ مان ڪنهن جي نافرماني ڪري رهيو آهيان. ياد رکو! دل جي هيءَ حالت هڪ تمام وڏي خطري جي نشاني آهي. حديث شريف آهي: اِنَّ الْمُؤْمِنَ يَرٰى ذُنُوْبَهٗ كَاَنَّهٗ قَاعِدٌ تَحْتَ جَبَلٍ يَخَافُ اَنْ يَّقَعَ عَلَيْهِ وَاِنَّ الْفَاجِرَ يَرٰى ذُنُوْبَهٗ كَذُبَابٍ مَرَّ عَلٰى اَنْفِهٖ يعني، مؤمن پنهنجي گناهن کي ائين ڏسندو آهي جيئن هو ڪنهن جبل جي هيٺان ويهندو آهي ۽ ڊڄندو آهي تہ ڪٿي اهو جبل مٿس ڪري نہ پوي، جڏهن تہ منافق پنهنجي گناهہ کي ائين ڏسندو آهي، جڻ هڪ مک آهي جيڪا اُن جي نڪ تان گذري وئي.[2]

---

[1]... ترمذی، ابواب صفۃ القیامۃ...الخ، صفحہ:590، حدیث:2496۔

[2]... بخاری، کتاب الدعوات، باب التوبۃ، صفحہ:1559، حدیث:6308۔

الله! الله! خبر پئي تہ گناهہ کي معمولي سمجهڻ منافق جي نشاني آهي. افسوس! اڄ اسان وٽ تہ هيءَ ڳالهہ هڪ عام معمول بڻجي وئي آهي. ۞ ماڻهو گناهہ ڪندا آهن. ۞ نمازون قضا ٿينديون آهن، ۞ مسجدون ويران آهن، ۞ بازارن ۾ ڪوڙ، دوکو، دغابازي عام آهي، ۞ گهر گهر ۾ چڻ تہ سينما ٺهيل آهن، ۞ فلمن، ڊرامن، موسيقي وغيره جو هر گهر ۾ راڄ آهي. ان جي باوجود اسان کي انهن گناهن جو احساس بہ ناهي ٿيندو. الله اسان کي سمجهہ عطا فرمائي!

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## وڏي ۽ ننڍي گناهہ ۾ فرق

**علماءِ ڪرام فرمائن ٿا:** ٻانهي کان جڏهن گناهہ ٿئي ۽ هو ان کي معمولي نہ سمجهي، تمام وڏو گناهہ سمجهي ۽ الله پاڪ کان ڊڄي وڃي تہ اهڙو گناهہ ربّ جي حضور ننڍو آهي (يعني ان جي ان خوف ۽ ڊپ سبب اهو گناهہ بخشجي ويندو آهي) ۽ جيڪڏهن ڪو ٻانهو گناهہ ڪري ۽ پوءِ ان کي معمولي سمجهي تہ اهو گناهہ تمام وڏو آهي چوتہ ان کي نہ ان تي شرمندگي ٿيندي، نہ هو ان کي ڇڏيندو، نہ وري ان جي معافي گهرندو.[1]

## گناهہ کان بعد جون 4 برايون

حضرت عوّام بن حَوْشَب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: گناهہ ٿي وڃڻ کان بعد جون 4 برايون اهڙيون آهن جيڪي گناهہ کان بہ وڌيڪ خراب آهن: (1) اِسْتِصْغَار (يعني گناهہ کي معمولي سمجهڻ) (2) اِغترار (غافل رهڻ) (3) اِستِبشار ( يعني خوش رهڻ ۽ الله پاڪ جي حضور حاضريءَ کان خوف نہ ڪرڻ) (4) ۽ اِصرار(يعني گناهہ تي جمي وڃڻ، توبہ نہ ڪرڻ).[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! گُناهہ ٿي وڃڻ انسان جي فطرت آهي، يعني اسان جهڙن عام انسانن کان گُناهہ ٿي ئي ويندا آهن پر اسان کي انهن 4 بُرائين کان بچڻ ئي گهرجي.

---

[1]... تنبيہ الغافلين، باب ما جاء فی الذنوب، صفحہ:209۔

[2]... تنبيہ الغافلين، باب ما جاء فی الذنوب، صفحہ:209۔

❁گُناهَ تي وجي تہ ان کي معمولي نہ سمجهون، اهو نہ چئون تہ ڪجهہ ناهي ٿيو، ننڍي غلطي ٿي تہ ٿي آهي، اللّٰه پاڪ رحمٰن آهي، بخشي ڇڏيندو. اها تمام وڏي ناداني آهي. ٿيو آهي، گهڻو ڪجهہ ٿيو آهي، اللّٰه پاڪ جيڪو جبّار ۽ قهار آهي، ان جي نافرماني ٿي آهي، ڇا هي معمولي ڳالهہ آهي؟ نہ، بلڪل نہ. هي معمولي ڳالهہ ناهي، تمام وڏي ڳالهہ آهي.❁گُناهَ تي مغرور نہ ٿيون، ❁گُناهَ تي ويو آهي تہ هاڻ خوش نہ ٿيون، ڊڄون، افسوس! مون کان گُناهَ ٿي ويو، افسوس! مان رب جي حضور ڪنهن منهن سان ويندس، ڇا جواب ڏيندس، هي سوچي ڪري ڊڄو، قبر ۽ حشر جو تصور ڪري پريشان ٿي وڃو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اها شرمندگي ڪم اچي ويندي ۽ ❁چوٿين ڳالهہ اها آهي تہ گُناهَ ٿي ويو تہ هاڻ ان تي ڄمي نہ وڃون، جلد کان جلد اهو گُناهَ ڇڏي ڏيون ۽ توبہ جي طرف وڌون. اچو! مان توهان کي ڪجهہ حديثون ۽ روايتون ٻڌايان ٿو:

## سيني کان وڏو عبادت گذار

صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: اي ابو هريره! وَرَع اختيار ڪيو! (يعني پرهيزگار بڻجي وڃو!) سيني کان وڏا عبادت گذار ٿي ويندؤ[1] .

## وَرَع ڇا کي چئبو آهي؟

وَرَع (پرهيزگاري) ڇا کي چئبو آهي؟ هي بہ ٻڌي ونو! حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اَلْوَرْعُ تَرْكُ كُلِّ شُبْهَةٍ شُبهي وارين ڳالهين کي ڇڏي ڏيڻ وَرع (يعني پرهيزگاري) آهي.[2] يعني هڪ آهي: گُناهَ ڇڏڻ. مثلاً اسان ڄاڻون ٿا تہ ❁ڪوڙ ڳالهائڻ گُناهَ آهي. ❁وياج ڏيڻ وٺڻ گُناهَ آهي. ❁غيبت گُناهَ آهي. ❁چغلي گُناهَ آهي. ❁پاڙيسرين کي ستائڻ گُناهَ آهي. ❁مسلمان کي تڪليف پهچائڻ گُناهَ آهي. ❁ ماءُ پيءُ کي ستائڻ گُناهَ آهي. ❁ شراب پيئڻ گُناهَ آهي. ❁حرام ڏسڻ گُناهَ

---

[1]… موسوعہ ابن ابی دنيا، ڪتاب الوراع، جلد:1، صفحہ:195، حديث:3۔
[2]… رسالہ قشيريہ، باب الوراع، صفحہ:146۔

آهي. ❁حرام بڌڻ گُناهہ آهي. ❁عشق مجازي ۾ پئجي ڪري بي شرمي ۽ بي حيائي جا ڪم ڪرڻ گُناهہ آهي. مطلب تہ هي اهي ڳالهيون آهن جن جو گُناهہ هجڻ واضِح آهي، انهن کي تہ ڇڏڻو ئي ڇڏڻو آهي. وَرَع ان کانِ اڳتي جي شيءِ آهي، اها ڇا آهي؟ هڪ ڪم آهي جيڪو واضِح معلوم نہ آهي تہ گُناهہ آهي يا ناهي، شڪ آهي يا پوءِ اهو خطرو آهي تہ جيڪڏهن مان هن ڪم ۾ پئجي ويس تہ ان جي سبب گُناهہ تائين وڃي پهچندس. مثلاً: فيس بُڪ جو استعمال. اهو سنو بہ ٿي سگهي ٿو، بُرو بہ ٿي سگهي ٿو، پر جڏهن ڪنهن بانهي کي ٽيڪنالوجي جو پتو نہ هجي، اسلامي نگاهہ سان ان جي سٺي سيٽنگ نہ ڪري سگهندو هجي، ان کي معلوم آهي تہ مان فيس بڪ کوليندس تہ بدنگاهين کان بچڻ مشڪل ٿي ويندو، هاڻي اُن شُبهن جي ڪري جو فيس بُڪ تي بدنگاهي کان بچڻ ڏکيو ٿي ويندو، تنهن ڪري هو فيس بُڪ نٿو هلائي، اهو وَرَع آهي. پرهيزگاري آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: پرهيزگار ٿي وڃو! سڀني کان وڏا عبادت گذار بڻجي ويندؤ.[1]

## اللّٰه پاڪ جا محبوب ٻانها

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: ڪالهہ قيامت جي ڏينهن اللّٰه پاڪ جا محبوب ٻانها اهلِ وَرَع(يعني پرهيزگار) هوندا.[2]

## سڀني کان افضل ڪير؟

هڪ دفعي مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ماڻهن کان پڇيو:اَيُّ النَّاسِ اَفْضَلُ؟ سڀ کان افضل انسان ڪير آهي؟ ماڻهن چيو: نمازي. فرمايائون: نماز پڙهڻ وارو ڪڏهن ڪڏهن گناهہ بہ ڪندو آهي، نيڪيون بہ ڪندو آهي. (يعني اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهو نماز تہ پڙهندو آهي پر ٻين ڪيترن ئي گناهن ۾ مبتلا آهي، لهٰذا صرف نمازي هجڻ ئي افضل هجڻ جي علامت ناهي.)

---

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الوراع، جلد:1، صفحہ:195، حدیث:3۔

[2] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الوراع، جلد:1، صفحہ:197، حدیث:15

ماڻهن وري عرض ڪيو: جيڪو الله جي راهہ ۾ جهاد ڪري. پاڻ فرمايائون: اهو بہ گناهہ بہ ڪندو آهي ۽ نيڪيون بہ ڪندو آهي، ماڻهن وري عرض ڪيو: روزيدار سيني کان افضل آهي. پاڻ فرمايائون: روزيدار بہ ڪڏهن گناهہ ڪندو آهي ۽ نيڪيون بہ ڪري رهيو هوندو آهي. آخرڪار، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ فرمايو: سڀ کان افضل ماڻهو اهو آهي، جيڪو صاحبِ وَرَع (يعني پرهيزگار) هجي. بيشڪ پرهيزگاري ئي اها شيءِ آهي جنهن سان ٻانهي جون نيڪيون مڪمل ٿي وينديون آهن.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ نهايت سبق آموز روايت آهي، واقعي ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي نماز تہ پابندي سان پڙهندا آهن، پر ڪوڙ بہ ڳالهائيندا آهن، وياجي ڏيتي ليتي بہ ڪندا آهن، گاريون بہ ڏيندا آهن، غيبتون ۽ چغليون بہ ڪندا آهن، ٻين کي تڪليفون بہ ڏيندا آهن. ڪيترائي روزيدار اهڙا آهن جيڪي بک ۽ اُڃ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ حاصل ناهن ڪندا، روزو رکڻ باوجود بہ گناهن ۾ مبتلا هوندا آهن. ڪيترائي حاجي اهڙا آهن جيڪي لکين روپيا خرچ ڪري حج تہ ڪري ورندا آهن پر گناهن کان باز ناهن ايندا. ڪيترائي قرآن پڙهڻ وارا اهڙا آهن جيڪي قرآن جي تلاوت ڪرڻ باوجود بہ گناهن ۾ مشغول هوندا آهن. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: افضل ماڻهو اهو آهي جيڪو پرهيزگاري اختيار ڪندو آهي، گناهہ ڇڏي ڏيندو آهي، جڏهن ماڻهو گناهہ ڇڏي ڏيندو آهي تہ سندس نيڪيون مڪمل ٿي وينديون آهن. لهٰذا جيڪو پنهنجين نيڪين کي بچائڻ ۽ مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ گناهہ ڇڏي ڏي.

## بغير حساب بخشش

حديث پاڪ ۾ آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ حضرت موسىٰ عَلَیْہِ السَّلَام ڏانهن وحي موڪلي ۽ فرمايو: اي موسىٰ! قيامت جي ڏينهن مان ٻانهن کان حساب وٺندس پر پرهيزگار...!! انهن جي عزت افزائي ڪئي ويندي ۽ بغير حساب جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.[2]

[1] موسوعہ ابن ابی دنيا، كتاب الوراع، جلد:1، صفحہ:198، حديث:18-

[2] موسوعہ ابن ابی دنيا، كتاب الوراع، جلد:1، صفحہ:227، حديث:181۔

# نور ۾ لڪيل ماڻهو

هڪ روايت ۾ **هڪ پرهيزگار ٻانهي جي وڏي فضيلت** بيان ٿي آهي، جيئن ته **امام ابنِ ابي دنيا** رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه روايت لکن ٿا: **قيامت جي ڏينهن هڪ (پرهيزگار) ٻانهي کي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو، ان کي نور پنهنجي گهيري ۾** وٺي ڇڏيندو، هاڻي اهو ماڻهن جي نگاهن کان اوجهل ٿي ويندو. ان کي اعمال نامو ڏنو ويندو، اُن ۾ ننڍا ننڍا گناهه ته لکيل هوندا پر وڏا گناهه جيڪي ان کي ياد هوندا، اعمال نامي ۾ موجود نہ هوندا. هڪ ملائڪ کي مهر بند اعمال نامو ڏنو ويندو ۽ حڪم ٿيندو: منهنجي ٻانهي کي جنت ڏانهن وٺي وڃو! جڏهن اهو ٻانهو پلصراط تان گذرندي آخري ڪناري جي ويجهو پهچندو، تڏهن ان کي اهو مهر بند اعمال نامو ڏجو. سو ملائڪ ان ٻانهي کي جنت ڏانهن وٺي هلندو، جڏهن اهو پل صراط جي آخري ڪناري تي پهچندو تڏهن ان کي مهر بند اعمال نامو ڏنو ويندو. ٻانهو جڏهن پنهنجو اعمال نامو کوليندو تہ ان ۾ اهي اعمال بہ لکيل هوندا، جن کي اهو ڄاڻندو هو. ملائڪ چوندو: مون کي خبر ناهي تہ هن ۾ ڇا لکيل آهي، مون کي تہ مهر بند اعمال نامو ڏنو ويو هو ۽ الله پاڪ فرمايو آهي: **اي منهنجا پيارا ٻانها! تنهنجي عزت افزائي لاءِ تنهنجي انهن عملن جو حساب نہ ورتو ويو.**[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! هيءَ ڪهڙي ڪرم نوازي آهي! جيڪو ٻانهو هن دنيا ۾ گناهن کان بچندو آهي، پرهيزگاري اختيار ڪندو آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيۡم! قيامت جي ڏينهن ان جي عزت وڏائي ويندي. بشري تقاضن سبب جيڪي گناهه ان کان سرزد ٿيا هوندا، اهي فرشتن کان بہ لڪايا ويندا ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيۡم!پرهيزگار ٻانهي کي بغير حساب جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.

الله پاڪ اسان کي توفيق بخشي، ڪاش! اسان بہ گناهن کان بچڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1 موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الوراع، جلد:1، صفحہ:228، حدیث:182

## گناهن کان بچڻ جو طريقو

**هاڻ مسئلو هيءُ آهي تہ گناهن کان ڪيئن بچجي؟** ظاهري ڳالهہ آهي **جڏهن معلوم ٿيندو تہ ڪهڙو ڪم گناهہ آهي، تڏهن ئي تہ ان کان بچي سگهنداسين.**

افسوس سان چوڻو پئي ٿو تہ اڄڪلهہ ديني معلومات جي تمام گهڻي کوٽ آهي. ماڻهن کي خبر ئي ناهي پوندي تہ ڪهڙو ڪم گناهہ آهي ۽ ڪهڙو ڪم نيڪي آهي. تنهنڪري سيني کان پهريان گناهن جي معلومات حاصل ڪيو. مڪتبة المدينہ جي 2 جلدن تي مشتمل اهم ڪتاب آهي، **جهنّم ميں لے جانے والے اعمال. انهيءَ طرح هڪ ٻيو ڪتاب آهي: 76 ڪبيره گُناه** ايئن ئي هڪ ڪتاب: **جهنّم کے خطرات** بہ آهي. اهي ڪتاب حاصل ڪيو، پڙهو، گناهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪيو، پوءِ انهن کان بچڻ جو بہ ذهن ٺهجندو.

ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن اسان عاشقانِ رسول سان قافلن ۾ سفر ڪرڻ شروع ڪيون تہ يقين مڃو! تمام گهڻا فائدا حاصل ٿيندا. اَلْحَمْدُلِلّٰه! قافلن جي برڪت سان ❁ گهڻو وقت مسجد ۾ گذارڻ نصيب ٿيندو آهي. ❁ نمازون جماعت سان پڙهڻ آسان ٿي ويندو آهي ❁ نفل پڙهڻ جو موقعو ملي ويندو آهي. ❁ دين جو علم سکڻ ۽ سيکارڻ نصيب ٿي ويندو آهي. ❁ اخلاق سڌري ويندا آهن. ❁ ڪردار نکرجي ويندو آهي. ❁ دل صاف ٿي ويندي آهي. ❁ باطني بيماريون ختم ٿي وينديون آهن. ❁ ۽ اَلحَمدُلله! نيڪين جو جذبو ۽ گناهن کان نفرت بہ پيدا ٿيندي آهي. لهٰذا گهٽ ۾ گهٽ هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪرڻ جو معمول ٺاهيو! عام طور فيضانِ مدينہ مان هر جمعي تي قافلا روانا ٿيندا آهن، شيڊيول ناهي ڪري هر مهيني قافلي ۾ ويندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻا ديني ۽ دنياوي فائدا حاصل ٿيندا. الله پاڪ اسان سيني کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مُطِیع اپنا مجھ کو بنا یاالٰہی! | سدا سُنّتوں پر چلا یاالٰہی!
خطاؤں کو میری مٹا یاالٰہی! | مجھے نیک خَصلت بنا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان شريف جو مبارڪ مهينو ٻه ويجهو اچي رهيو آهي هي مبارڪ مهينو وڏين برڪتن وارو مهينو، رحمٰن جو مهينو ۽ قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ جو مهينو ۽ مغفرت جو مهينو آهي.

عَجِّلْ عَجِّلْ یارمضان | جان مِری تجھ پر قربان
آ بھی جا ماہِ سُبْحٰن | جلدی جلدی آ رمضان
جب بھی آتا ہے رمضان | جان میں آجاتی ہے جان
خوب ہے رمضاں کی بھی شان | اِس میں اُترا ہے قرآن
مجھ کو مدینے میں رمضان | کاش! میسر ہو رحمٰن
آجا آ بھی جا رمضان | تجھ پہ فِدا عطّارؔ کی جان

الله پاڪ اسان کي رمضان شريف ڏسڻ، ان ۾ روزا رکڻ ۽ خوب عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. رمضان شريف جي هڪ اهم عبادت اعتڪاف ٻه آهي. نفلي اعتڪاف ته ڪنهن ٻه وقت ڪري سگهجي ٿو، پر سنت مؤڪده اعتڪاف صرف رمضان شريف ۾ ئي ٿيندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان سڄي رمضان مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ ٻه ثابت آهي، جڏهن ته آخري ڏهه ڏينهن جو اعتڪاف ته اسان جي آقا و موليٰ، تاجدارِانبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند هو. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آخري ڏهه ڏينهن جي اعتڪاف جو تمام گهڻو اهتمام ڪندا هئا. ايتري تائين جو هڪ ڀيرو ڪنهن سبب جي

ڪري رمضان شريف ۾ اعتڪاف نہ ٿي سگھيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شوال ۾ اعتڪاف فرمايو.[1]

## اعتڪاف جا فضائل

۞ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان جي حالت ۾ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا.[2] ۞ هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جنهن رمضان المبارڪ ۾ 10 ڏينهن اعتڪاف ڪري ورتو اهو ايئن آهي جڻ ان 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا.(3)

## اجتماعي سنّت اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، فيضانِ رمضان حاصل ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين هنڌن تي آخري ڏهن ڏينهن جو اجتماعي سنت اعتڪاف منعقد ڪيو ويندو آهي. توهان بہ ڪوشش ڪيو! سڄي مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيو بلڪ عالَمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ اعتڪاف ڪيو، جو تہ اتي شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ وقت جي هڪ ڪامل ولي سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جو موقعو ملندو تہ ان جون برڪتون ئي نراليون هونديون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! رمضان شريف ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادتن جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ بيشمار علمِ دين حاصل ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو.

---

1بخاري،ڪتاب الاعتڪاف،باب الا عتکاف فی الشوال، صفحه:533،حديث:2041۔

2...جَامع صغير، صفحه:516، حديث:8480۔

3...جَامع صغير، صفحه:516، حديث:8479۔

آئيں گی سنّتيں جائيں گی شامتيں | ديني ماحول ميں کر لو تم اعتِکاف
تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتيں | ديني ماحول ميں کر لو تم اعتِکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه! Aڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. A تقريباً 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (Specialization)، فرائض علوم ڪورسَ ڪرايا پيا وڃن. A جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد 5 لک 30 هزار کان وڌيڪ آهي. A وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ تقريباً 74 هزار 887 کان وڌيڪ مدارس المدينہ بالغانَ ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد تقريباً 4 لک 26 هزار کان وڌيڪ آهي. A فيضان آن لائن اڪيڊمي ذريعي تقريباً 24 هزار طلبہ ۽ طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. A هن وقت تقريباً 21 دارالافتاء اهل سنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائي جو تعداد ماهوار اوسطاً 20 هزار آهي. A المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم جاري آهي، اَلحَمدُ لِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي، ۽ هن شعبي ۾ ڪيترا ئي مدني عالمَ سڳورا خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده تنخواهون ڏئي رهي آهي. A ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مڪتبة المدينہ قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو بہ سلسلو جاري آهي ۽ ڪتابن جي وڪري جو ڪم بہ ڪيو ويندو آهي. A سڄي دنيا

۾ ديني ڪمن جي ذوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقن کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين سڄو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ذمّيدارَ موجود آهن. A عاشقانِ رسول کي تربيت ڏئي انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ روانو ڪيو ويندو آهي، انهن کي باقاعده تنخواهون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغُ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي ڪري دين جي خدمت ڪندا آهن. A ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞پرنٽ ميڊيا (۾ ڪيئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏو گڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 ٻولين ۾ شائع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهنامہ آهي)، ۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب (Youtube)، فيس بُڪ (Facebook)، انسٽاگرام (Instagram) وغيره) تي موجود تقريباً 100 اڪائونٽ، جن تي تقريباً 50 ملين (Million) يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويوز جي تعداد بلينز (Billions) يعني 100 ڪروڙ کان بہ وڌيڪ آهي- ۞مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي- ۞ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هاڻي تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشن ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن- دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف جو شعبو قائم آهي، جنهن جي تحت هاڻي تائين: ۞34 لک 16 هزار کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن- ۞تقريباً 76 لک 82 هزار 958 ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي- ۞5 هزار 566 کان وڌيڪ گهر تعمير ڪيا ويا آهن- ۞ 75 هزار 721 کان وڌيڪ کوه جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن- ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هاڻي تائين 61 هزار 667 کان وڌيڪ مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن-

پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏئي، خدمتِ دين جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو! توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳايا ويندا-

دعوتِ اسلامی کی قیّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن کان نفرت ڪرڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ جي سعادت ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ (*Linkup*) ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! زندگي ۾ مدني انقلاب ايندو، الله پاڪ چاهيو تہ دنيا کان بي رغبتي جي دولت بہ ملندي ۽ اخلاق ۽ ڪردار بہ سنورجي ويندا. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينہ بالغان بہ آهي جنهن ۾ درست تجويد و قرات سان قرآن پاڪ پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي.

❁حديث پاڪ ۾ آهي: توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[1] ❁قرآنِ مجيد الله پاڪ جو ڪتاب آهي. ❁بانهن جي نالي ربّ ڪريم جو پيغام آهي. ❁پر افسوس! اَڄ مسلمان قرآن پاڪ کان پري ٿيندا پيا وڃن. ❁ڪيئي ماڻهن کي ڏسي ڪري بہ صحيح قرآن پڙهڻ نٿو اچي ❁ جيڪي پڙهي سگهن ٿا اهي بہ تجويد ۽ مخارج جون اهڙيون غلطيون ڪندا آهن، جن جي سبب نماز ئي ناهي ٿيندي. ❁ اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي قرآن جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي.❁ مسجدن، دڪانن ۽ مارڪيٽن وغيره ۾ مدرسة المدينہ لڳايا ويندا آهن.❁ صرف 35 کان 45 منٽن جي ڪلاس هوندي آهي. ❁ اُن ۾ صحيح تجويد ۽ قرات سان قرآن پڙهڻ بہ سيکاريو ويندو آهي ❁فرض علوم بہ ٻڌايا ويندا آهن❁سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن ۽

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

ترجمي ۽ تفسير ٻڌڻ جو بہ موقعو ملندو آهي اوهان بہ ان ۾ شرڪت ڪيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ ساريون برڪتون ملنديون. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## فيشن پرست جي زندگي ۾ بهار اچي وئي

آفندي ٽائون (حيدرآباد، اندروني سنڌ، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: آئون هڪ فيشن پرست (**Fashionable**) نوجوان هئس، دُنيا جي موج مستي ۾ گُم، پنهنجي آخرت جي اَنجام کان غافل زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هيس منهنجي گناهن ڀري زندگي ۾ بهار هيئن آئي جو مون کي مَدرَسةُ المدينہ بالغان ۾ داخلا جي سعادت ملي وئي، بَس منهنجي تہ خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو. مَدرَسَةُ المدينہ بالغان جي برڪتن منهنجي اونداهہ دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چراغ سان روشن ڪري ڇڏيو- ان ۾ مون کي قرآنِ ڪريم جي تعليم سان گڏوگڏ سُنتن تي عمل جو جذبو بہ مليو ۽ هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ مدني بهار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي کان نجات حاصل ٿي وئي.

ترا شکر مولیٰ دیا مدنی ماحول
نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے
نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

(وسائلِ بخشش، صفحہ: 647-648)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمال ۾ اضافي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن

جو نالو آهي: نيڪ اعمال (Naik Amal)هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالبِ علمن جي لاءِ الڳ، الڳ، رسالا موجود آهن ❁ان ڪي 6 مختلف زبانن ❁انگريزي ❁اردو ❁هندي بنگالي ❁گجراتي ۽ ❁سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ❁هن ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن ❁هر سوال جي هيٺ 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪوبہ وقت مُقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو ونو، هن جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْکَرِیْم! هن جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکريل ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلان

۞ هر هفتي ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتہ وار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي تي بہ مدني چينل تي عشاء کان پوءِ (تقريباً 8:30 منٽن تي) اِنْ شَآءَاللّٰه هفتہ وار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جواب بہ ڏيندا. تمام ذمّيدار ۽ عاشقانِ رسول کي درخواست آهي تہ هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان ۾ شرڪت جي دعوت ڏين. ۞ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي ۾ هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ ”ناراضگين جو علاج“جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ ان جي پڙهڻ جي ترغيب ڏيو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين تائين شيئر ڪيو. ۞ بخاري شريف حديثن جي ڪتابن ۾ سيني کان اعليٰ مقام رکندي آهي، هن ڪتاب کي پڙهڻ پڙهائڻ بُزرگن جو عمل رهيو آهي، المدينة العلميہ(اسلامڪ ريسرچ سينٽر، دعوت اسلامي) حديث پاڪ جي انتهائي اهم

ڪتاب جي مختصر شرح ضِياءالقاري شرح بُخاري لکڻ جي سعادت حاصل ڪئي آھي، اوھان ھن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي ڪنھن بہ شاخ تان 1700 رپين ۾ حاصل ڪيو، پاڻ بہ مطالعو ڪيو ٻين کي بہ ان جي پڙھڻ جي ترغيب ڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي، سُنّت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شھنشاھِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آھي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنھن منھنجي سُنّت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي، ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي، اھو جنت ۾ مون سان گڏ ھوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## نالو رکڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينھن توھان کي پنھنجي ۽ توھان جي ابن ڏاڏن جي نالن سان پڪاريو ويندؤ، تنھنڪري توھان پنھنجا سنا نالا رکو- (ابو داود،کتاب الادب باب في تغيير الاسماء،۳۷۴/۴،حديث:۴۹۴۸)

اي عاشقانِ رسول! مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻار جو سُنو نالو رکيو وڃي ڪافي ماڻھن جا اھڙا نالا آھن جن جي معنٰي نہ آھي يا انھن جي بُري معنٰي آھي اھڙن نالن کان بچو ❁انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام ۽ تابعين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي نالن تي نالا رکڻ بھتر آھي، اميد آھي تہ ان جي برڪت ٻار سان شامل ٿي وڃي ❁ٻار زنده پيدا ٿيو يا مُئل ان جو بدن مڪمل ٿيو ھجي يا مڪمل نہ ٿيو ھجي، بھرحال ان جو نالو رکيو ويندو ❁حديث پاڪ ۾ آھي: ٻار جو نالو رکو جو اللّٰه پاڪ ان جي ذريعي توھان جي عمل جي ساھمي کي وزندار ڪندو ❁جبريل يا ميڪائيل وغيره نالو نہ رکو ❁يٰسين يا طٰهٰ نالو رکڻ منع آھي

---

[1] مشکوٰة،کتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175-

❁محمد يٰسين نالو بہ نہ رکو، ها چاهيو تہ غُلام يٰسين ۽ غُلام طٰہٰ رکو ❁جيڪي نالا بُرا هجن انهن کي مَٽائي ڪري سُٺو نالو رکڻ گهرجي جو پنهنجي امّت سان پيار ڪرڻ وارا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُري نالي کي سُٺي نالي سان مَٽائي ڇڏيندا هئا. هڪ خاتون جو نالو عاصِيَہ (يعني گنهگار) هو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي نالي کي مَٽائي ڪري جَميلہ رکيو ❁اهڙا نالا رکڻ جائز ناهن جيڪي غير مسلمن جي لاءِ خاص هجن ❁غلام رسول، غلام صديق، غلام حسين، غلام غوث، غُلام رضا نالو رکڻ جائز آهي. (1)

پنهنجي ٻارن جا سنا اسلامي نالا رکڻ ۽ ان جا تفصيلي احڪام ڄاڻڻ لاءِ المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جو تمام پيارو ڪتاب، ــ**نام رکھنے کے احکام** مکتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪيو، پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبةالمدينہ جي ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3، حصو:16، ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن وارو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن پريو سفر پڻ آهي.

رَبّ کے در پر جھکیں التجائیں کریں　　بابِ رحمت کھلیں قافلے میں چلو
عاشقانِ رسول ان سے رحمت کے پھول　　آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو

الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]… 550سنتيں اور آداب، صفحہ:63-68ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] ... القول البديع، الباب الثانى، ص277

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَافِیْ عِلْمِ اللہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھک ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھک ڏينھن ھک شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. [2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. [3]

## ﴿1﴾ ھک ھزار ڏينھن جون نيڪيون

جَزَی اللہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

---

[1]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاۃ الثانية والخمسون، ص149

[2]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[3]... الترغيب والترھيب، ج 2، ص 329، حديث 31

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (1)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

2... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455